# سنڌ

۽

# سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون

از

رچرڊ برٽن

•

مترجم

محمد حنيف صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

# سنڌ

۽

# سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون


از

رچرڊ برٽن

مترجم:

محمد حنيف صديقي



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

چاپو پهريون — سال ۱۹۷۱ع — تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيو — سال ۱۹۷٦ع — تعداد ٻہ هزار
چاپو ٽيون — سال ۱۹۹٥ع — تعداد ٻہ هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق واسطا قائم]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ي رپيا Rs : 60
[Price

**ملڻ جو هنڌ :**
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو، سنڌ ۾، مئنيجر سيد سڪندر علي شاھ ڇپيو ۽ مراد علي مرزا، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

هيءُ ڪتاب اڪيڊمي ادبيات پاڪستان
اسلام آباد جي سهڪار سان ڇپايو ويو آهي.

سنڌ جو هڪ بلوچ سپاهي ۽ هندو واپاري



سن اشاعت ۱۸۴۳

لنڊن

ضمني طور، هن ڪتاب مان اسان کي سنڌ جي هڪ اهم تاريخي دؤر جو احوال ۽ تذڪرو ڪن رهاڪن' جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي خبرچار ملي ٿي ۽ ان سان گڏ، سنڌ ۾ آبپاشيءَ جي طريقن، ڍڳن، ڏوهه، تعليم، نشيدار شين جي استعمال بابت پڻ ڪارآمد معلومات ملي ٿي. پر، بنيادي نقطو اهوئي معلوم ٿئي ٿو ته قومن جي تباهيءَ لاءِ غلاميءَ کان وڌيڪ ڪوبه مهلڪ مرض نه آهي ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيڏي به وڏي قيمت، ڪا وڏي قيمت نه آهي.

حيدرآباد سنڌ. — سيڪريٽري

٨- جون، ١٩٧١ع — سنڌي ادبي بورڊ

رهاڪو، علي بن احمد، بکر ۾ آيو، تڏهن سنڌ جي فتح جو عربيءَ ۾ احوال، پنهنجي هڪڙي پوئنير [١٦]، قاضي اسماعيل وٽ لکيل ڏٺائين.

سنڌ جون فارسي تاريخون اڪيچار آهن، پر اهي سڀ بيڪار آهن. سڀ کان اول لکيل تاريخ، علي بن احمد جي تصنيف آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي. پوين سڀني ليکڪن، صوبي جي اسلامي فتح کان اڳ- خواهه پوءِ جو احوال سندس لکيل تاريخ تان لفظ بر لفظ نقل ڪيو آهي. پيون تصنيفون جي عموماً مطالع ڪيون ويندڀون آهن، سي هي آهن:

١ . "فرشته" جي تاريخ ، جيڪا "چچنامه"، "خلاصت الحڪايت" ۽ حاجي محمد قنڌاريءَ[١٧] جي اتهاس تان ورتل آهن.

٢ . "ميرمعصوم ڀکريءَ جي تاريخ"، جا اڪبر جي زماني ۾ لکي ويئي هئي. اها پنهنجي طرز نگارش جي ڪري ٻين تصنيفن ۾ سڀ کان وڌيڪ عام مقبول آهي.

٣ . "تحفة الڪرام".

٤ . "چچنامه"[١٨].

٥ . "تاريخ طاهري"، هن صوبي جون مڪمل تاريخون آهن. انهن کان سواءِ "بيگلار نامه"، "ترخان نامه" ۽ "ارغون نامه"، اهي تصنيفون تاريخ جي انهن دؤرن سان تعلق رکن ٿيون جي سنڌن نالن مان ظاهر ٿين ٿا. سنڌي زبان ۾ جيڪي تاريخون لکيل آهن، تن ۾، اڪثر ڪري ڪافرن ۽ مسلمانن جي مقابلن جون ڪهاڻيون ۽ ڪٿائون آهن؛ جن کي تاريخ ڪوٺيو وڃي ٿو. انهن تاريخن کي وڌيڪ وضاحت سان ڪنهن ايندڙ باب ۾ نظر مان ڪڍيو ويندو.

هڪڙي سياڻي، اهل نظر [١٩] سچ چيو آهي ته جيتوڻيڪ سنڌ ملڪ مان سنڌونديءَ جو شاندار پاڻي وهي ٿو ۽ هندستان

وقت تسليم ڪئي هئي. جڏهن تيمور شاهه گذاري ويو، تڏهن هن جي جاءِ نشين زمان شاهه سنڌ جو خراج پنهنجي سر پاڻ وصول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو؛ ڇاڪاڻ ته مير فتح علي، مير سهراب ۽ مير ٺارو خراج جي ادائگيءَ ۾ ڪوتاهي ڪندا هئا، ۽ انهيءَ ارادي سان هو ملتان تائين آيو. آخرئين ڪنڪ اڳيان ٽيئي حاڪم پيچ پائي وٽي پڳا ۽ پڇتاءُ ظاهر ڪري وعدو ڪيائون ته وري اهڙي غفلت نه ڪنداسين. مير محمد وزير جي دوستانه سفارش جي ڪري، بادشاهه هنن کي معافي ڏيڻ قبولي ۽ کين حضور ۾ اچڻ جي اجازت ڏني وئي. جڏهن ٻاهرين حملي جو خطرو دور ٿي ويو، تڏهن وري ٽالپرن ۾ خانه جنگيءَ منهن ڪڍيو. مير سهراب جو خيال هو ته مير فتح عليءَ کي لاهي، معزول ٿيل عبدالنبيءَ جي پٽ غلام حسين کي مسند تي ويهارجي. مير فتح علي خان هڪدم پنهنجا رشتيدار ۽ پوئلڳ گڏ ڪيا ۽ پيئي ڌريون ميدان تي نڪري نروار ٿيون. مگر قوم جي ڏاڻن همت ڪري پاڻ کي مخالف ڌرين جي تلوارن جي اڳيان اڇلائي، کين خانه جنگيءَ کان باز آندو. جيڪڏهن هو ائين نه ڪن ها ته جيڪر خون جون نديون وهي وڃن ها.

جيئن اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي ته ٽالپرن جو خاندان ٽن شاخن ۾ ورهايل هو، جي سڀ ساڳيئي ٽڙ جون ٽاريون هيون. حيدرآباد يا شهدادپور جو خاندان، وچ-سنڌ ۾ حڪومت ڪندو هو؛ ميرپور يا مانڪاڻي ميرن جو گهراڻو، جيڪو مير ٺاري جي نسل مان هو، سو حيدرآباد جي اوڀر ۾ ميرپور ناني پرڳڻي تي راڄ ڪندو هو؛ خيرپور واري يا سهراباڻي شاخ، مير سهراب جي نسل مان هئي، جنهنڪري اها اتر-سنڌ جي طرف خيرپور ۾ صاحبي ڪندي هئي. حيدرآباد گهراڻي جي سردار، مير فتح علي، پنهنجي خاندان جي قوت ۽ عظمت اتفاق رستي برقرار رکڻ لاءِ، هڪ عجيب رٿ جوڙي ڪڍي، جنهن موجب هن پنهنجي ٽن ننڍن ڀائرن: مير غلام علي، ڪرم علي ۽ مرادعلي

کي حڪومت ۽ راڄڌانيءَ ۾ شريڪ ۽ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو، ۽ پوءِ چئني گڏجي سنڌ جي امير يا حاڪم جي حيثيت ۾ حڪومت ڪرڻ قبول ڪئي. هنن جو پاڻ ۾ جيڪو حقيقي يا ظاهري اتفاق ۽ ميل-جول هوندو هو، تنهن لاءِ کين ”چئن يارن“ جو خطاب ڏنو ويو آهي. هنن جي ٻڌي، سندن دشمن جي دلين تي سچ پچ هڪ قسم جو لرزو ۽ هراس پيدا ڪندڙ هئي. هنن ڪلهوڙن جي قوم کي وڏي سختيءَ سان نيچونوايو، ۽ ٻين انهن سڀني قومن، جن جي مغز ۾ بغاوت جي هوا هئي، تن کي هيسائي ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو. هنن ڪراچي ۽ عمرڪوٽ، جيڪي شهر عبدالنبيءَ قلات ۽ جوڌپور جي حوالي ڪيا هئا، وري هٿ ڪري، پنهنجي حڪومت جون حدون وڌايون ۽ انتهائي ڪوشش ۽ وڏي جفاڪشيءَ سان افغان بادشاهه جي دربار ۾ پنهنجو رسوخ قائم ڪيو.

فتح عليءَ، خزانو ۽ ملڪ پنهنجن ٽن ڪمزور ڀائرن ۾ اڻپورن ڀاڱن ۾ ورهائي [٣٤]، پنهنجي صغير پٽ صوبدار کي حصي ڏيڻ کان سواءِ، ١٨٠١ع ۾ گذاري ويو. هو حڪومت جي خرچ پکي ۽ ڪابل کي باقاعدي خراج پهچائڻ [٣٥] جو پڻ انتظام ڪري ويو هو. هن واقعي حڪومت جي جاگيرداري سرشتي ۾ ڪجهه ڦيرو آندو هو. حاڪم گڏجي ”ميرن“ جي خطاب سان حڪومت ڪرڻ لڳا، پر ساڳئي وقت هنن ۾ جيڪو وڏو هو، تنهن کي رئيس يا خاندان جو اڳواڻ بڻايو ويو ۽ هن کي ايتري اختياري سونپي وئي، جو حڪومت ”خانداني“ رنگ اختيار ڪيو.

١٨١١ع ۾، رئيس غلام علي شڪار ڪندي مارجي ويو. پويان هڪ پٽ ميرمحمد نالي ڇڏي ويو، جيڪو ان وقت ارڙهن ورهين جو هو. انهيءَ شهزادي ۽ هن جي سوٽ صوبدار کي، سندن چاچن حڪومت ۾ شريڪ ٿيڻ نه ڏنو، ۽ پنهنجي باقي زندگيءَ جا ڏينهن گڏجي ملڪ تي راڄ ڪيو. ڪرم علي

ڪمپنيءَ جي انهيءَ راءِ ۾ شامل ٿيو. سندن لئي وارو پرائيويٽ ڪارخانو ڪيس واپس ڪيائين ۽ بمبئيءَ جي سول سروس واري وڪيل، مسٽر نائن ڪرو کي نهايت احترام سان پيش آيو. مگر ڏيهي واپارين منصوبا ۽ سازشون شروع ڪري ڏنيون، جن ۽ ٻين مصلحتن سبب ڪري انگريزن جي عيوضين کي بيدخل ٿيڻو پيو. اسان جي اختياريءَ وارن حرڪتي ماڻهن کي سزا ڏيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. ڏنو ويو هو ته سنڌ مان ڪو خاص تجارتي فائدو حاصل ڪونه ٿي ٿيو ۽ سياسي افق ۾ وري روشن ۽ صاف ٿي چڪو هو.

١٨٠٩ع ۾، نيپولين جون اسان جي هندستاني سلطنت ۾ اکيون هيون، تنهنڪري اسان کي لاچار ايران، ڪابل ۽ سنڌ جي تاجدارن ڏانهن سفارتون موڪلڻيون پيون. سنڌ جي دربار نهايت بي مروتيءَ سان پيش آئي ۽ گهڻين محنتن ۽ ڪشالن ڪان پوءِ، لارڊ منٽو جي نگرانيءَ هيٺ مسٽر هئنڪي سمٿ جي مدد سان، ڪمپني ۽ ٽالپر اميرن جي وچ ۾ ٢٢- آگسٽ جي عهدنامو دستخط ٿيو. ان جا مکيه شرط هيءَ هئا: ”دائمي دوستي“، ”هڪٻئي ڏي دوستانه سفارتون موڪلڻ“ ۽ ”ڌارين، خاص ڪري فرانسيسي لوڪن ۽ آمريڪا وارن کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ.“

ڪجهه سال دوستيءَ جا بند قائم رهيا، پر ١٨٢٥ع ۾ اسان جي دوست، ڪڇ جي راجا تي بي‌سبب حملو ڪيو ويو ۽ کوسن ۽ ٻين غارتگر قومن اسان جي حدن اندر يورشون ڪيون، جنهنڪري ميرن کي ڊيڄارڻ لاءِ اسان کي ٥٠٠٠ يا ٦٠٠٠ ماڻهن جو انگريزي لشڪر سنڌ جي سرحد تي جمع ڪرڻو پيو. ان جو اثر اهو ٿيو جو شڪايت جو سبب هڪدم هٽايو ويو.

١٨٣٠ع ۾، سراليگزينڊر برنس، جو ان وقت اڃا ليفٽيننٽ هو، سنڌونديءَ جي رستي ٻاڙيءَ جي اوپاري مسافري ڪري

سردار ريگستان ۾ پيجي ويو ۽ عمرڪوٽ ۽ ميرپور جي قلعن پنهنجا دروازا کوليا ۽ ٽالپر گهراڻي جو اڏوهيءَ کاڌل تخت، هميشه لاءِ ڪِري پيو. فاتح سنڌ کي انهيءَ صوبي جي حڪومت ۽ سالاري سونپي ويئي، جو هن پنهنجي بهادريءَ سان هٿ ڪيو هو. سڄي ملڪ ۾ ڍل جي وصوليءَ ۽ عدل انصاف جي انتظام لاءِ انگريز عملدار مقرر ڪيا ويا.

شڪست خورده امير، يعني حيدرآباد مان نصيرخان ۽ هن جا پاڻڻيا، شهداد ۽ حسين علي، مير محمد ۽ صوبدار [۴۹] سميت، ۽ خيرپور وارا مير رستم خان ۽ هن جا پاڻڻيا نصيرخان ۽ ولي محمد، ۽ ٻيا نظر بند ڪري، بمبئي موڪليا ويا، جتان ۱۸۴۴ع ۾، کين بنگال موڪليو ويو، جتي انهن مان ڪي اڃا هڪڙي قسم جي شاهي بنديخاني ۾ رهن ٿا. تحقيق هو هيئر ڪيرٻل عظمت جي هڪ ڏکدائڪ تصوير آهن.

يا ڀڄي پوندا هئا، تن جو مال شاهي خزاني ۾ جمع ٿيندو هو.

٥. "فروعي": آٽ، ٻڪرين يا ٻيو چوپايو مال، جيڪو ڪنهن آباد ۽ ڏيل ٻيٽ ۾ پوندو هو، ته ڌڻ جو ڌڻ وڪٽي ڇڏيندا هئا ۽ ان جا پئسا سرڪار جي حوالي ٿيندا هئا. وڏي ڳالهه، ته مال جي ڌڻيءَ ۽ زمين جي مالڪ کي ڪوبه عيوضو ڪونه ملندو هو. رولو مال جي جيڪڏهن هڪدم مالڪي نه ڪئي ويندي هئي، ته اهو ضبط ڪيو ويندو هو.

٦. "چرخي": نارن تي آباد ڪيل باغن ۽ زمينن تي هڪ قسم جي ڏيل هوندي هئي. اها هرڪنهن ضلعي ۾ نرالي هوندي هئي. ان جو مدار چرخي [٢٣] جي ماپ تي هوندو هو.

٧. "حقابو": هي پاڻيءَ جي قيمت هوندي هئي، جيڪا ڪن خاص زمينن دارن کان ورتي ويندي هئي. ڏيهي حڪومت ۾ ان محصول جو عام رواج ڪونه هوندو هو.

٨. "اجاره ڪولاب": ڪولاب، يعني ٻوڏ هيٺ آيل زمينون ۽ ڍنڍون، جيئن ته منڇر مڇر وغيره. اهي زمينون سرڪاري ڪاسورن کي ٺيڪي تي ڏنيون وينديون هيون، جيڪي ٻڪين، ٻهڻ [٢٤]، آنن ۽ ڪانن جي پيدائش مان ٽيون حصو يا نفعي جو اڌ ڏيندا هئا.

٩. اجاره ٻيڙن: دريائي ٻيڙن، اجاريدارن کي ٺيڪي تي ڏيندا هئا، ۽ اهي وري مسافرن کان پئسو يا ٻه پئسا في ڀورَ جي حساب سان وٺندا هئا.

مٿين ذڪر ڪيل ملڪي ڏاڻن ۽ محصولن مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ ڪڙميءَ ۽ واپاريءَ تي ڏاڻن جي چٽي هلڪي ڪانه هوندي هئي. اسان جي حڪومت ۾ اهو طريقو بدلائي، هندستان جي ٻين پرڳڻن جهڙو ڪيو ويو آهي. اها تبديلي ماڻهن ۾ اجا مقبول ڪانه ٿي آهي. هنن کي اهو اثر ويٺل آهي ته اسان جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مفلسيءَ جو ڪارڻ اسان جو ڏاڻن وارو نئون سسٽم آهي.

# باب ٽيون

## سنڌي لوڪ قصن جي فهرست

### صوبي جون زبانون ۽ هرهڪ زبان جو مختصر بيان

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي تصنيفون آهن، تن مان سڀ کان وڌيڪ مقبول آهي آهن جن ۾ سنڌ جي فتح وقت مسلمانن بهادرن، ڪافر راجائن جو مقابلو ڪيو هو. سنڌ جا ڪافي قصا ۽ ڪهاڻيون انهيءَ نڪتي تي ٻڌل آهن. سنڌ ۾ انهن تحريرن جو ٻه وڏو تعداد آهي، پر انهن کان ٻه زياده تعداد ڏند ڪٿائن ۽ افسانن جو آهي ۽ اهي ڀٽن ۽ چارڻن گڏ ڪري، هيٺين طبقي جي ماڻهن ۾ ڦهلايا آهن. جهڙيءَ طرح هڪ اڻ سڌريل ۽ دهقاني قوم ۾ ٿيندو آهي، تيئن هت ٻه هرهڪ قلعي ڪوٽ ۽ شهر جي يادگيري ماڻهن جي دلين ۾ سانڊيل رهي ٿي — خاص ڪري انهن ماڻهن جي دلين ۾، جيڪي انهن جاين جي ويجهو رهن ٿا. قصي جي هرهڪ لاهيءَ چاڙهيءَ کي ڪنهن نمايان واقعي سان تعلق هئڻ جو شرف حاصل آهي ۽ هر قبرستان کي پنهنجا مشهور اولياء ۽ درويش آهن.

هيٺين مشهور سنڌي افسانن جي مختصر فهرست هيٺ ڏجي ٿي:

١. مستي ٻنهون: هيءَ عشق ۽ محبت وارين ٻن دلين جي ڪهاڻي آهي. اهي ٩٠٠ ورهيه اڳي يا سنڌ ۾ اسلام اچڻ وقت رهندا هئا. اها ڳالهه قابل توجهه آهي ته هي قصو ان سماري وسيع ايراضيءَ ۾ مشهور آهي. جيڪا مڪران ۽

افغانستان، جيسلمير ۽ مشرقي ايران جي سرحدن ۾ اچي
وڃي ٿي. اهو قصو فارسي، جتڪي ۽ بلوچي ٻولين ۾ به
لکيل آهي. مسٽر ڪرو (Crow)، شايد انهيءَ قصي ڏانهن
اشارو ڪندي لکي ٿو ته ”مير فتح علي خان، بلوچ عاشقن جي
ڪهاڻيءَ کي مولانا جاميءَ واري ”يوسف زليخا“ جي قصي
جي طرز تي فارسي شعر ۾ ترجمو ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو،
ته جيئن انهيءَ نظم جي اشاعت وسيلي سنڌ جو نالو ادبي دنيا
۾ ڦهلائي ان کي اهڙيءَ طرح مشهور ڪري، جهڙيءَ طرح
سنڌ جو نالو جنگ جي فن ۾ مشهور هو. هاڻي اهي عاشق
پهتلن جي قطار ۾ شمار ڪيا ويندا آهن ۽ ائين سمجهيو ويندو
آهي ته هو اڃا زنده آهن. انهن جي قبرن تي گهڻا ماڻهو
زيارت لاءِ ويندا آهن. چون ٿا ته ڪيترا ماڻهو يقين ڪري
آستاني[1] تي ويا آهن، ته هنن مائي سسئيءَ کي اکين سان
ڏٺو آهي. اهو قصو هندن وٽ به پنجابيءَ ۽ ٻين ڀاشائن ۾
آهي. هو اڪثر گرمکي اکرن ۾ لکندا آهن. سسئيءَ کي عام
طرح ”رُل مئي“ چوندا آهن. سنڌ جي اتهاس ۾ ٻي نامياري
عورت، سهڻي هئي، جيڪا سنڌونديءَ ۾ ٻڏي، غرق ٿي ويئي
هئي ۽ انهيءَ سبب هوءَ ”ٻڏ مئي“ سڏبي آهي. شاهه عبداللطيف
انهيءَ قصي تي جيڪي بيت چيا آهن، تن انهيءَ قصي لاءِ
سنڌ جي اوچي طبقي جي ماڻهن ۾ ڏاڍو چاهه پيدا ڪيو آهي.
انهيءَ طبقي ۾ ڪي ٿورا اهڙا ماڻهو هوندا جن کي پنهنجي
بزرگ هم وطني شاعر جو ڪلام ياد نه هوندو. سنڌ ۽ بلوچستان
جي صحرائي قومن ۾ ڪي ورلي اهڙيون قومون هونديون، جيڪي
انهيءَ قصي کان اڻ واقف هجن. اوٺي مسافريءَ تي، ڏنار مال
سان ۽ ڪڙمي پنهنجيءَ ڪرت ۾ سسئي پنهونءَ جي ڪشالن
جي ڪهاڻي پنهنجي سادي سودي ۽ ڪچي پڪي شعر ۾ ڳائي،
پاڻ کي وندرائيندا آهن. اهڙيءَ ريت، ٻيا هيٺيان قصا عام
مشهور آهن.

سنڌيءَ ۾

| | |
|---|---|
| واحد | جمع |
| حالت فاعلي: مڙسُ | مڙسَ |
| حالت اضافت: مڙس جو | مڙسن جو |

هندستانيءَ ۾

| | |
|---|---|
| واحد | جمع |
| حالت فاعلي: مرد | مرد |
| حالت اضافت: مرد کا | مردون کا |

٢. سنڌيءَ ۾ ڪيترا ضمير حالتن، عدد ۽ جنس ڦيرائڻ لاءِ پڇاڙيءَ وارو حرف بدلائيندا آهن. ضمير موصوف ”جو“ ۾ به، ائين ٿيندو آهي.

واحد

حالت فاعلي: جو، مونث جا
حالت اضافت: جنهن جو، ٻنهي جنسن لاءِ.

جمع

حالت فاعلي: جي
حالت اضافت: جن جو
} ٻنهي جنسن لاءِ.

٣. زمان حال تام لاءِ مضارع سان جي خفيف جزا ملائيا آهن، سي هميشه فارسيءَ وانگر ساڳيا نه هوندا آهن. ٻر اهي عدد ۽ جنس سان ڦرندا آهن. فعل، هندستانيءَ کان وڌيڪ ڊولائتو آهي. متعديءَ جي جڙ سان ”جڻ“ ڳنڍڻ سان مفعول ٿيندو آهي. مثلاً ”مار“، ”مارجڻ“، هن نئين فعل سان اصلي فعل وانگي باقاعدي ڪيترائي زمان ٺهي سگهندا آهن. مشابه سبب فعلن تام جو طريقو وڌيڪ مڪمل ۽ پيچيدو آهي.

دلچسپ ٿيندو هندستان وانگر هن صوبي ۾ به، شاعرانو ڪلام تازو، اصطلاحي، غير مصنوعي، جهجهو ۽ گوناگون لفظن سان ڀرپور، سادو ۽ صاف آهي. اسان جي تعليمي سرشتي ۾، ليڪن جي طرز مصنوعي ٿيو پيو ۽ هو علمي ٻولين مان نقل ڪرڻ جي زياده ڪوشش ڪن ٿا. اهو طريقو شايد نثر ۾ ڪامياب ٿئي، پر شعر نئون پيدا ڪري سگهي. انهيءَ ڳالهه جي ثابتيءَ لاءِ سرحدي ٻوليءَ جا پراڻا ڌرمي گيت گذريل ويهن سالن جي ڪلام سان ڀيٽي ڏسو.

# باب چوٿون

## سنڌ جي ٽن سڀ کان زياده مشهور مصنفن جي حياتي-

## هجوَ جا مثال - ساموئيءَ جون پيشنگويون -

## مستي ۽ پنهون ۽ مارئي سومري

## جي ڪهاڻين مان انتخاب

پڙهندڙن جي اڳيان سنڌي ادب جي انتخاب پيش ڪرڻ کان اڳ، واجب آهي ته سنڌي زبان جي ٽن سڀ کان مشهور مصنفن، مخدوم هاشم، مخدوم عبدالله ۽ سيد عبداللطيف جو ڪجهه احوال ڏجي.

پهريون بزرگ پنوهر قوم جو سنڌي هو. ٺٽي ۾ ڄائو هو ۽ وفات به اتي ڪيائين. هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ رهندو هو. هن جا پويان جي اڃان آسودا ۽ رسوخ وارا آهن، سي عالم جي ڪوٽ ۾ رهن ٿا. هن هندستان ۽ عربستان جو سير ڪيو هو ۽ عربي ۽ فارسي ٻوليون ۽ فقه چڱيءَ طرح سکيو هو. چون ٿا ته مسافريءَ جي دوران ۾ هن عيسائي پادرين سان ڪيترا مناظرا ڪيا ۽ سندن مذهب جي خلاف رسالا لکيا. پنهنجي وطن موٽي اچڻ کان پوءِ، هن کي ٺٽي جو قاضي مقرر ڪيو ويو. هن کي سندس علميت ۽ فضيلت جي ڪري وقت جا حاڪم چڱو مانُ ڏيندا هئا. هو هيئنر هڪ وليءَ ڪري ليکيو وڃي ٿو. هن جو مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي جو مقبرو آهي ۽ پنهنجي هموطنين لاءِ هڪ زيارت جي جاءِ آهي. هن جون مکيه عربي تصنيفون هي آهن:

١. اشباه ٢. فاڪهةالبستان ۽ ٣. بياض هاشمي.

وڃڻ لاءِ تياري ڪري رهي هئي تہ ڪيس ڪنهن اچي ڪوڙي خبر ٻڌائي تہ عمر گذاري ويو. هن ڪي هن ڳالهہ تي ايترو تہ صدمو پهتو جو سندس روح خاڪي پڃري ٦٣] مان پرواز ڪري ويو. عمر ڪي جڏهن مارئيءَ جي مرڻ جي خبر پهتي تہ هو بہ بنان هڇڪيءَ جي حياتي کي خيرباد چئي ويو.

مصنف، ترجو هي قصو، قديم دستور موجب، قرآن شريف جي انهيءَ آية مان ختم ڪري ٿو:

انالله وانا اليه راجعون

فقير جواب ڏني ته:

”جوانو، وڻ به توهان لاءِ ارسان ڪندا، پڻ دانهون ڪندا ۽ پاڻي به اوهان لاءِ ڳوڙها ڳاڙيندا. جـــادوءَ جا پردا وڄ وانگي توهان کي انڌو ڪندا. چوي ٿو ته، اي! مهر [٥] موسل کي ڏسڻ جي ڪنهن کي مجال! سواءِ ڦَنن جي، پيو ڪجهه، حاصل ٿيڻو نه آهي.“

اها ڳالهه ٻڌي، دوست سوچ ۾ پئجي ويڻ ٿا، شاعر انهن جي پڌَ تر هن طرح بيان ڪري ٿو:

”تڏهين همير نهاري راڻي ڏانهن، راڻو ڏانهن همير.“

راڻو، فقير کان فضيلت ۽ نهٺائيءَ سان پڇي ٿو:

”بابو بر جا، تون اڄ پلي آئين. سامي تنهنجي ڳلي ۾ ٿا چمڪن سونا مٽيا[٦]. انهن کي ڇا سان رڱيو اٿئي جو اهڙا سهڻا لڳن ٿا، اي اڪابر جـــوڳي، اسان کي ڪاڪ جي ڪل ڏي؟“

تنهن تي، شاعر چوي ٿو ته

”تڏهين ڏسڪي ۽ ڏس ڏي، تو روئي رَتو آب،
ته آهس لـبڙائـي ڪشون، عـاقـل، سان اسباب،
آءٌ نانگو، هوس نواب، پر ڪاڪ ماري ڪس ڪاپڙي[٨]“
(شاهه).

راڻو اڳتي هلي چوي ٿو:

”تون ڪشمير[٨] جو فقير آهين،
ڪين ڪاهـو پٽ جرار جـو؟“

فقير جواب ڏني ته:

”مينڌرا، منهنجي پويان پنج هزار جوڌا هئا. سوڍا، انهن مان هرهڪ ڳوٺ ڳوٺ جو مالڪ هو، هرهڪ ڍال، ڪٽاري ۽ ترار سان پنهنجي گهوڙي تي سوار هو، پر

ڪونه هوندو هو. ان جي مدار مدرسي جي جڳهه [16] جي
وسعت تي هوندو هو. شاگردن کي روزاني خوراڪ ۽
ڪن حالتن ۾ روڪ خرچي به ملندي هئي. ڪين ڪپڙو لٽو
به سرڪاري خرچ تي ملندو هو. هو سڄو ڏينهن پڙهندا هئا،
سواءِ اڱاري ۽ جمعي جي ڏينهن جي. ٻن عيدن ۽ محرم ۾
عاشورن جي موقعي تي ڪين موڪلون ملنديون هيون.
جيڪڏهين ڪو طالب پاڻ کي لائق ثابت ڪندو هو ته ڪيس
ٻه - ٽي سال گهر وڃڻ جي لاءِ ٻه - ٽي هفتا موڪل ملندي هئي
بنان موڪل غيرحاضريءَ ۽ نافرمانبرداريءَ جي سزا مدرسي مان
نيڪالي هوندي هئي. بدڪاريءَ لاءِ - خاص ڪري، جنس نازڪ
سان - ڏرا [17] هنيا ويندا هئا. شاگردن کي تلوارن
ڪٽارين کڻڻ جي اجازت هوندي هئي، بلڪ هو اهو پنهنجو
حق سمجهندا هئا. پر هو انهن جو بيجا استعمال ڪين ڪندا
هئا، جيئن افغان طالب العلم ڪندا آهن.

تعليم جو عام نصاب هن ريت آهي: جيڪڏهين سنڌي
زبان جي اسان جي مادري زبان سان، فارسيءَ جي لاطينيءَ سان
۽ عربيءَ جي يوناني زبان سان ڀيٽ ڪبي ته ڏسڻ ۾ ايندو
ته عيسائي يونيورسٽين ۽ اسلامي مدرسن ۾، جوان طالب علمن
کي هڪجهڙي دماغي غذا ملي ٿي: ١. صرف و نحو، ٢.
منطق، ٣. فقه، ٤. تفسير، ٥. حديث ۽ آخر ۾ علم معاني،
بيان ۽ بديع، جو ورلي پڙهيو ويندو آهي.

درسي ڪتابن جو مختصر احوال دلچسپيءَ کان خالي نه
رهندو. طالب علم صرف جا بنيادي اصول يا عربي فعلن جا
گردان، شايد مڪتب مان اڳيئي سکي ايندو آهي. پهريون
ڪتاب [18] جو هن پڙهيو سو آهي ميزان صرف نالي، فعلن
جي مضمون تي مشهور ولي ۽ عالم، لال شهباز جو لکيل
مختصر رسالو. اهو گهڻو ڪري اجناس يا منشعب وانگر حفظ

# باب ستون

سنڌ جي هن وقت جي معاشرتي حالت - شاديءَ متعلق هڪڙي ڏيهي ڪتاب مان ڪي ٽڪرا - ملاقات جو دستور - نشي جو رواج ۽ نشيدار شين جا قسم، جي استعمال ڪيا وڃن ٿا - قومي مذهب جي خصوصيت - روحاني علم، شيطاني علم، طلسم ۽ ڪيميا - هنن جي رستي جادو ۽ قسمت جو ڪتاب - خوابن جو تعبير - هٿ ڏسڻ جو علم - سوڻ سڳڻ - ڏوهه ۽ سزائون.

ڪنهن مهذب ماڻهوءَ اڳيان فقط لفظ جي رستي، هڪ نيم سڌريل قوم جي ٻنڪت جو صحيح نقشو پيش ڪرڻ، نهايت ڪٺن ڪم آهي. منهنجي خيال موجب سٺو طريقو اهو ٿيندو ته ماڻهن جي چال چلت، رواجن، عادتن ۽ رسمن جو احوال ۽ عوام جي لاءِ جيڪي ڪتاب اڳ ۾ لکيا ويا آهن، تن مان حوالا ڏئي ٻنڪت جي تصوير جو نقشو چٽجي.

جنهن تصنيف مان هيٺيان احوال ڏجن ٿا، تنهن ۾ شاديءَ متعلق مختصر هدايتون ڏنل آهن. اها تصنيف، سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي ۽ سيد حسن عليءَ جي لکيل آهي. ان ۾ ٻه باب آهن، جي سليس طرز ۾ لکيل آهن. يورپي ماڻهو ڏسندا ته ڪتاب جو مضمون مشهور انگريز تصنيف "ڪل جو افسانه" ۽ انهيءَ زماني جي ٻين تصنيفن جهڙو آهي - جڏهن مغرب جي حالت اهڙي هئي، جهڙي هاڻي مشرق جي آهي.

هنن جي علم کي عرب ڪفر جي زماني ۾ "علم الاڪتاف" چوندا هئا. اهو اڄ به ڪن بدوي قومن ۾ ساڳئي نالي سان سڏبو آهي. ايراني ۽ افغان ان کي چون "علم الشانه" سنڌين ۽ بلوچن جي ردن چارڻ وارين قومن ۾ اهو سڏجي "ڦڻيءَ جو فن" [٣٤].

فال ڪوڻيءَ جو اوزار رڍ جو ڦڻيءَ وارو هڪ هڏو هوندو آهي. ان تان گوشت ۽ کل لٿل هوندا آهن. هڏي جي ڦڻيءَ تي ڇهه گهر يا خانا نمبروار ڪڍيءَ ڪان تري تائين ٺاهيندا آهن. (انسان جي ڇيري ۾ ڪرنگهي جو مکيه ڦڻيءَ واري هڏي جي انهيءَ ڪنڊ سان اچي ملندو آهي). ٻيا ڇهه خانا هڏي جي ڪنڌي جي ٻئي پاسي ٻاهرين ڇهن خانن جي سامهون رکندا آهن، تنهنڪري گهرن جو ڪل تعداد ٻارهن هوندو آهي. انهن مان هر هڪ جو تعلق هڪ ـ هڪ برج سان هوندو آهي، جو هن طرح هوندو آهي:

| گهر | برجن جون نشانيون |
|---|---|
| ١ | حمل |
| ٢ | ثور |
| ٣ | جوزا |
| ٤ | سرطان |
| ٥ | اسد |
| ٦ | سنبله |
| ٧ | ميزان |
| ٨ | عقرب |
| ٩ | قوس |
| ١٠ | جدي |
| ١١ | دلو |
| ١٢ | حوت |

هوندو هو ۽ اڃا به آهي. قرآن شريف کڻي، آخري ڳالهه سمجهي ويندي هئي، چوندا هئا ته خدا پاڻهي ڪوڙي کي جزا ڏيندو. انهيءَ هوندي به ڪيترا ماڻهو سولائيءَ سان قسم کڻندا ۽ ڀڃندا هئا. سنڌي هندو پنهنجي هندستاني ڀائن وانگر قسم کي تڇ ڪري سمجهندا آهن. هن ملڪ جو آزمودو ڏيکاري ٿو ته جيڪڏهين، ڏيهي ماڻهو ڪا ڳالهه ڪري ته ان ۾ شڪ ڪرڻ کپي، جي ان تي زور ڏئي ته پوءِ ان تي اعتبار نه ڪجي، پر جي قسم کڻي ته پوءِ پڪ ڄاڻجي ته ڪو وڏو ڪوڙ ڳالهايو اٿس. ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙناٽي ڪرڻ هلڪا ڏوهه سمجهيا ويندا آهن. جتي سچ لاءِ عزت نه آهي، اتي اوَس ائين ٿيندو، پر سڀ آڱريون هڪجهڙيون نه آهن، ڪڏهين ڪڏهين ڏيهي ماڻهن ۾ ڪي سچا ماڻهو به ملي ويندا آهن [۴۰].

٢. ڪفني يا الفي: ڪاريءَ اَن جو اُهڙو جامو، اڇن ڏاڳن سان ۽ شڪل ۾ ڪجهه ڪفن جهڙو. پاڻهن ڪان سواءِ ٻنيءَ جي اڌ تائين ڊگهو هوندو آهي.

٣. گودڙي: ساڳي ڪپڙي جو ڪمبل جو ٿڌ ۾ سمهڻ وقت پائبو آهي.

ڪي جلالي فقير پاڻ وٽ انهن ٽن ڪپڙن کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪون رکندا آهن. ٻيا وري لنگي سڙڻ پهريندا آهن يا گوڏ ٻڌندا آهن.

انهن فقيرن جا ٻيا ٽپڙ هيءَ هوندا آهن:

١. تسبيح: عقيق يا ڪنهن ٻي ڳاڙهي پٿر جي مالها وڏن داڻن سان.

٢. عصا يا لٺ. اڪثر شيشم يا ڪاري ڪاٺ جي، نوڪ ۽ عاج جي مٺ سان. جلالي گهڻو ڪري ٿلها زبردست ڏنڊا کڻندا آهن.

٣. بيراڳڻ، ڪاري ڪاٺيءَ جي لٺ. اٽڪل ڏيڍ فٽ ڊگهي، ٻن مُنهن سان، جنهن تي فقير مراقبي يا ننڊ وقت مٿو رکندا آهن، جو لهڻي پوڻ اصول جي خلاف سمجهيو ويندو آهي.

٤. ڏاڳا: ڪاريءَ ڏاس جا وٽيل سڳا، ڇيڇ جهڙا ٿلها، اهي ڇيله، ڪي ٻني وانگر ٻڌندا آهن.

٥. ڳانو: ڪاريءَ اَن جا ڏاڳا، ڳاڙهي پٽ سان مليل، جي هار ڪري پائيندا آهن.

٦. ڪَبري: ڳاڙهي ڪوڙي جي ڳوڙي، جنهن ۾ ڪاڏو ۽ ٻيون ضروري شيون وجهندا آهن.

٧. ططنبي: ڪدوءَ جو پيالو، جو پاڻي پيئڻ يا اَنُ، پِسن ۽ ٻئي قسم جي خيرات وٺڻ لاءِ ڪم ايندو آهي.

لاءِ ڪافي وقت مليو آهي. تنهن ڪان سواءِ، هنن جون زبانون وولي لکيل [٣٧] هونديون آهن، تنهنڪري هنن جي ڪا مقرر زبان ڪانہ آهي. هو اڪثر هڪٻئي سان پنهنجيءَ ٻولي ۾ ڳالهائي سگهندا آهن، جا سنڌين جي سمجهہ کان ٻاهر هوندي آهي. عام شين لاءِ هو پنهنجا لفظ ڪتب آڻيندا آهن ۽ جي اهي وسري [٣٨] ويندا اٿن ته انهن جي جاءِ تي سنڌي لفظ استعمال ڪندا آهن. هنن جي ٻوليءَ جا ڪي لفظ سنڌي ماڻهو ٻڌي ٻڌي، سکي ويا آهن.

ٻ نه ڪوٺيندا آهن، تنهنڪري اهڙيءَ آزمائش ٿيڻ جو ڪوبه امڪاني ڪونه آهي. ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ڪو مذهبي خيال ماڻهن ۾ پکڙجي ويندو آهي، تڏهن ان جي سچائيءَ جي ثابتيءَ ۾ گهڻيئي مثال ۽ واقعا ٻ، پيدا ٿيندا آهن. دين اسلام ۾ اهڙين بيهودين ڳالهين لاءِ درحقيقت گنجائش ڪانه آهي پر مسلمانن جي تاريخ بهرحال اهڙن بي بنياد واقعن ۽ مثالن ڪان وانجي، ڪانه آهي، جن ۾ ماڻهن اتفاق سان يا ڄاڻي واڻي منڪر ۽ نڪير سان پنهنجي ملاقات بيان ڪئي آهي. ماڳيءَ ريت ڪيترائي دفعا ڪن ڀڳتن ٻ، هندن جي مورتي ڏٺي آهي. مجوسين کي زردست نظر آيو آهي ۽ يورپي عيسائين ۾ ته ويچاري اهڙا ولي ڏسندا آهن، جي شايد تصويرن ڪان سواءِ هن دنيا ۾ ڪڏهن ٻ، ڪنهن ٻ، هنڌ تي وجود ۾ ڪونه آيا هئا.

ڊولائتو پدن آهي. جيتوڻيڪ گجرات ۽ اوله، هندستان جي ٻين ڀاڱن جي "حلال خورن" سان هنن جو مقابلو ڪري نٿو سگهجي، پر هنن ۾ ايترو حسن آهي، جو چڱن خاندانن جا ماڻهو ون٘ائن شاديءَ لاءِ ٻانهون ولندا آهن، ۽ خود شاهي خاندان جا ڪي عياش ماڻهو به هنن سان رستي رکڻ کان عار ڪونه ڪندا آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو هنن ۾ گوري رنگ جي ڇوڪري به بعضي نظر ايندي آهي.

مون بي انت گناه ڪيا آهن،
تون منهنجا قصور معاف ڪر،
تنهنجي در تي هزارين روئن ۽ دعا پيئن ٿا.

تنهنجي شفاعت شاهي شان وٽان آهي،
مان جاهل، مطلق احمق آهيان،
تون روشن، روشن روپ آهين،
تو ڪان مٿي ڪير، ڪونه آهي.
اي رزاق تون مون کي روزي ڏي،
منهنجي دل کي پاڪ ۽ سچو ڪر،
مون کي مشڪلاتون ويڙهي ويون آهن.

اي سلطان! اي سر سبز مالڪ!
تون هن ضعيف جي مدد ڪر،
تو کي منهنجي حال جي سڀ خبر آهي.

مون کي دشمنن تي غالب ڪر،
منهنجا ڪرڙا دشمن ناس ڪر،
تون هن هيٺي جي مدد ڪر.

تون عالم آهين،
تون قادر رب آهين،
تون معجزن ڪرڻ وارو ۽ ڏاڍو ڪريم آهين.

تون سڀني ڏکويلن جي مدد ڪرڻ وارو آهين،
تون بکايلن کي کارائڻ وارو آهين،
تون ضعيفن کي ٻل ڏيڻ وارو آهين.

تون اسان جو سهارو، سر ۽ شهسوار آهين،
تون اسان جو ٻيڙو پار ڪرڻ وارو آهين،
تون مشڪلات ۾ اسان جي پناهه آهين،

# باب تيرهون

## عامل طبقو- ان جو اصل نسل، رواج، جهڙن ته جڻيو پائڻ، شادي ۽ غميءَ جون رسمون ۽ ڪرياڪرم- هندن جو اسلام ۾ اچڻ ۽ وري هندو ٿيڻ جو بيان

اوهاڻا عامل، سنڌ جي هندن جي هڪ مکيه ذات آهي، تنهنڪري جڏهين انهيءَ ذات جي واجن ۽ رسمن جو تفصيلوار بيان ڏبو ته ان مان چڱيءَ طرح خبر پئجي سگهندي ته هن وقت سنڌ جي صوبي ۾ هندو ڌرم جي حالت ڪهڙي آهي.

عامل طبقو، ڏيهي حاڪمن جي ضرورتن جي پيدائش آهي، جي هندن جي مدد کان سواءِ نڪي ته ڍلون وصول ڪري سگهندا هئا ۽ نڪي ملڪي ڪاروبار جي سلسلي ۾ صحيح نموني خرچ هلائي سگهندا هئا. اهڙن هندن لاءِ محبت نه هوندي به، اوائلي ميرن کي قبول ڪرڻو پيو هو ته حساب-ڪتاب جي معاملي ۾ هو هوشيار آهن. انهن کان پوءِ جيڪي حاڪم آيا، تن ۾ مذهبي تعصب ڪونه هوندو هو ۽ هو ذات پات جو گهڻو خيال ڪونه ڪندا هئا. مون هاڻوڪي خاندان جي حاڪمن کي هڪ هندو ديوان سان، سواءِ ڪنهن مذهبي نفرت جي، اهڙيءَ طرح ڀاڪر پائي ملندو ڏٺو آهي، جيئن پنهنجي ڪنهن پٽ يا عزيز سان ملجي. جڏهين هندن ڏٺو ته حاڪمن کي سندن ضرورت آهي، تڏهين هنن پنهنجي عقل ۽ شعور کان پورو پورو ڪم ورتي

هڪ طاقت جو ذريعو ۽ قيمتي هٿيار ٿيندي، ووسي مشرقي مدبرن ۾ سڀني کان مياڻا، جيتوڻيڪ گهٽ ڪامياب آهن، تن ڪيترو اڪ افغانن جا قومي ڪتاب ڇپايا ۽ ترجمو ڪيا آهن. ٻئي طرف اسان ان ٻوليءَ جي بناوت جي سمجهه جي ڪاڻ تڪليف ڪانه ورتي آهي، جا ان ساري ملڪ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جنهن سان گڏيل ويهه ورهيه اسان جا ڳهرا تعلقات رهيا آهن، جنهن ۾ اسان پنج سال مالڪ ٿي رهيا آهيون ۽ حڪومت ڪئي اٿون.

# ضميمو - ١

مختلف جانورن جي آوازن جي هيءَ مختصر فهرست ڏيکاري ٿي ته سنڌي، لفظن جي ذخيري ۾، ڪيڏي نه شاهوڪار زبان آهي:

ٻانگ : ڪڪڙ جو آواز.
ٻڪ : ٻڪريءَ جي دانهن.
ٻڪار: ساڳئي لفظ جي زوردار صورت.
ٻهڙاٽ: دُنبي يا رڍ جو آواز، ڏپ يا تڪليف ۾.
ڀُون، ڀونيٽ: مکين جو آواز.
ڀونڪ : ڪتي جو آواز.
ٻوڪڻ: ٻڪر جو آواز.

١. لفظن جي اشتقاق جا ڄاڻو ڏسندا ته هنن مان ڪي لفظ ٻين ٻولين مان ورتل آهن ۽ ڪي جانورن جي آواز جو نقل ڪن ٿا ۽ اتفاق سبب ٻين ٻولين جي لفظن جهڙا آهن.

ٻوڪاڙ: ڪتي جي زوردار دانهن.
چرچاٽ، چيچاٽ: مکين ۽ ٻارن جو گوڙ.
ڍِڪ : مينهن جي رنڀ.
ڪَرڻ : ڳهٽي جو آواز.
گجگوڙ: شينهن يا واگهه جي رڙ.
هامڙ، هانهر، هڻڪار: گهوڙي جو آواز.
هينگ : گڏهه جو آواز.
ڪُڪڙڪُون، ڪَرڪڻ: ڪُڪڙ جو آواز.
ڪٽي: اٺ جي ڏندن جي ڪرٽ.
ڪان ڪان : ڪانوَن جو آواز.
ڪِئون ڪِئون: ڪتن جو آواز.
چينگهار: هاٿيءَ جو آواز.

ڪِڙڪ: ميڙهن جو آواز.
ڪوڪ، ڪوڪاٽ: ڪتي جي رڙڪ.
مياءُو: ٻلي جو آواز.
ميڪ: رڍ جو آواز.
اوناٽي: گدڙ جي ڪوڪ.
رنڀ: ڍڳي جو آواز.
رڙ، رڙهاٽ: اٺ جو يا ٻيو ڪو ٻيڙو آواز.
سوٽ، سهلي: سٽي جو آواز جنهن کي عرب صفر چوندا آهن.
يخيخ: ڪتي جي ڪوڪ يا اوناٽي.

## ضميمو-٢

سنڌ جي ميدانن ۾ جي مکيه بلوچ قومون رهن ٿيون، تن جي فهرست.

ٻير، ٻڊاڻي، ٻدراڻي، ٻاگراڻي، ٻهاراڻي، ٻهراڻي، ٻنگلاڻي، ٻروفت، ٻرگڙي، ٻهاڻي، ٻگٽي، ٻلدي، چاچڙ، چانڊيا، چانگ، چانگاڻي، چانگها، چالڪيري، چولاڻي، ڊيدو، ڊومڪي، ڊونڪاڻي، ھمبڊاڻي، ھولاڻي، گبول، گاذهاڻي، گشڪوري، گورچاڻي، گووڙاند، گوپانگ، گنگاڻي، جاداڻي، جکر، جکراڻي، جلالاڻي، جلباڻي، جمالي، جروار، جت، جتوئي، جسڪاڻي، جويا، ڪاڪاڻي، ڪلوئي، ڪلفر، ڪهري، قرمطي، ڪوسا، لغاري، لجواڻي، لڪوڪر، لاشاري، لنڊ، لرڪا، منگسي، ملڪ، ماڇڪاڻي، مري، ميرجت، موندواڻي، مزاري، نڊامالي، نظاماڻي، نوداڻي، نوهاڻي، نوتاڻي، لوتڪاڻي، عمراڻي، آنڙ، ٻوکهر، راچڙ، رخشاڻي، رند، سجادي، سلماڻي، سرخاڻي، شهواڻي، ٽالپر، لوڙهاءِ.

## ضميمو ٥

### اختصار، سنڌ صوبي جي آدمشماريءَ جو، ١-جنوري
### حيدرآباد ۽ شڪارپور جي ڪليڪٽرن جي

| ضلعو | شهرن ۽ ڳوٺن جو تعداد | مسلمان مرد | مسلمان زالون | مسلمان جملي | هندو مرد | هندو زالون |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪراچي | ١١۴۴ | ٨١٠٩٩ | ٥٨٣٦١ | ١٣٩۴٦٠ | ٢٣٧٦٥ | ١٧٨١٢ |
| حيدرآباد | ۴٩٧٧ | ٢٢٧٧٥١ | ١٨٢۴۴٣ | ۴١٠١٩۴ | ٦١٥٩٣ | ۴٧١۴٣ |
| شڪارپور | ١۴١٠ | ١۴٢٦٠۴ | ١١۴۴٢۴ | ٢٥٧١٠٨ | ۴٢١٥٨ | ٣٨٣٧٣ |
| | ٧٥٣١ | ۴٥١۴٥۴ | ٣٥٥٢٢٨ | ٨٠٦٧٦٢ | ١٢٧٥١٦ | ١٠٣٣٢٨ |

١٨٥١ع ملڪ جي ٽن مڪيہ ضلعن، يعني ڪراچي،
تيار ڪيل نقشي تان ورتل.

| | پيا | | | جملي | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| جملي | مرد | زالون | جملي | مرد | زالون | جملي |
| ٤١٣٧٧ | ٢٥٥٨ | ١٩٥٥ | ٤٥١٣ | ١٠٧٤٢٢ | ٧٨١٢٨ | ١٨٥٥٥٠ |
| ١٠٨٧٣٦ | ١٨٢٥٤ | ١٤٦٢٧ | ٣٢٨٨١ | ٣٠٧٥٩٨ | ٢٤٤٢١٣ | ٥٥١٨١١ |
| ٨٠٥٣١ | ٧٠٥٧ | ٥٧٨٦ | ١٢٨٤٢ | ١٩١٨١٨ | ١٥٨٥٨٣ | ٣٥٠٤٠١ |
| ٢٣٠٦٤٤ | ٢٧٨٦١ | ٢٣٣٦٨ | ٥٠٢٣٦ | ٦٠٦٨٣٨ | ٤٨٠٩٢٤ | ١٠٨٧٧٦٢ |

ڪراچي، مئي ١٨٥١ع

(٤٣) هن عاليشان مقابلي، ۽ مياڻيءَ ۽ دٻي جي شاندار لڙاين بابت، ميجر آئوٽرام ۽ سر چارلس نيپئر جون سرڪاري رپورٽون، ۽ هر هڪ لاءِ ميرن جا ڪيترا سوار ۽ پيادا هئا، مڪمل احوال ڏين ٿيون. ڏسو ڪئپٽن پوسٽنس جي ڪتاب "سنڌ تي ذاتي رايا" (Personal Observations on Sind) جو ضميمو.

(٤٤) اهي ئي حاڪم جي انگريزن جا طرفدار هئا سي ئي ميرن جي خاندان جي تباهيءَ جو شڪار ٿي ويا.

ٽيون، پشو يا ٻڌو ٽامي جو سيڪو وڏي ديڳڙي ۾ وجهي، تازي ڇڻي مان ڀري، گرم ڪندا آهن، جيستائين وچي اهو ٽهڪي. پوءِ جوابدار ان مان هٿ وجهي سيڪو ڪڍندو آهي.

چوٿون، اونهي پاڻيءَ ۾ لڪڙو ڪوڙي، جوابدار ٽٻي هڻي، لڪڙو جهلي ويهندو آهي، جيستائين هڪ سگهارو ماڻهو تير ڇوڙي ۽ وري واپس کڻي اچي.

هڪڙي مضبوط ۽ پختي ارادي جي شرارتي ماڻهوءَ لاءِ انهن مان ڪابه آزمائش ڏکي نه آهي. تعجب آهي ته هن شعبدهبازي جو رواج ساريءَ دنيا ۾ آهي. ماڻهو طبعي ڳالهين جي سلجهائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ آسماني ۽ غيبي سبب ڳوليندا آهن.

جي ديسي ٻولين جهڙوڪ مرهٽي، تلنگو وغيره ۾ ان جا ڪيترا ترجما آهن.

(٢٢) يعني بيت، جن جي خصوصيت مثالن سان ايندڙ باب ۾ ڏيکاري ويندي.

(٢٣) هڪ نظم جو قسم آهي، جو انهن ماڻهن کي پسند هوندو آهي ۽ جيڪي معنيٰ کان وڌيڪ سُر جو خيال ڪندا آهن. مشهور شاعر شاهه عبداللطيف جي سرن جي تجنيس اهڙي ئي مهٽي ۾ ٺاهوڪي آهي، جهڙي اسان جي پراڻن انگلوسيڪسن شاعرن جي هوندي هئي.

(٢٤) رزمي نظم، جو عرب جي رَجَز وانگر لڙائي جي وقت چئبو آهي، تنهن کي سنڌيءَ ۾ "شعر" سڏيندا آهن. اهو لڙائيءَ ۾ حملي وقت مورائي ڳائيندا آهن، جي سردار سان همرڪاب هوندا آهن.

(٢٥) جيڪڏهن شعر جو عجيب بحر ۽ وزن يورپين کي سمجهه ۾ اچي ته سُر کين خراب نه لڳندو.

(٢٦) عربيءَ ۾ بيت جي معنيٰ آهي ٻن مصرعن وارو شعر، پر سنڌيءَ ۾ ٽن مصرعن کان متي واري شعر کي به بيت سڏيندا آهن.

(٦١) سنڌ ۾ خراب چال جسون عورتسون فقيرن سان آزاديءَ سان ڳالهائينديون آهن. هو فقيرن کي ائين ڪري ڏسنديون آهن، جيئن اڳئين زماني ۾ يورپ جون زالون پادرين کي ڏسنديون هيون. مارئي ڪڏ ڪري سهيلين کي چوي ٿي ته اچو ته اسان ۽ فقيرن جي صحبت ۾ هلي دعا وٺون. هن کي خاطري ڏيارڻ لاءِ ته فقير سندس عاشق نه آهي، ڪيس پاڻ سڏي ٿي. افسوس آهي ته ”يار کي منهن تي ادا سڏڻ“ جو بڇڙو رواج، سنڌ ۾ به آهي.

(٦٢) ”نواري“ لفظ جو هتي ”آزاد“ ترجمو ڪيو ويو آهي. ان جو مطلب عربي لفظ ”مجرد“ جهڙو آهي ۽ ان جي معنائون اٿس: هڪڙو بي لغام ڇڙواڳ، ٻيو دنيا جي ڏيک ويک ۽ اجاين ڳالهين کان پري.

(٦٣) هي عشق جو جذبو يورپي ماڻهن کي شايد ڏکيو لڳي، پر مشرق ۾ اهو انساني فطرت جي خلاف ڪونه سمجهيو ويندو آهي.

ٻاڻ ڪي ڪيترن نالن ۾ ذاتين سان سڏائين ٿا. ملڪ جي جدا جدا حصن ۾ ڪهاڻي مختلف نمونن ۾ ٻڌائي ويندي آهي. مون ڪهاڻي ائين ڏني آهي، جيئن لکڻ ڪان ٻڌي اٿم.

(٢٧) چاڪاڻ ته هن ڪي عشق ڪان سواءِ دنيا جي ڏک سک جي ڪابہ خبر ڪالهہ ٿي ھوي.

(٢٨) مائيءَ جي رضا جي نيشاني، ايران ۾ ڳاڙهي رنگ جي چني عاشق لاءِ ڪاميابيءَ جو سنيهو هوندي آهي.

(٢٩) هير جي مڙس جو نالو.

(٣٠) فارسيءَ ۾ گل سرشوئي ۾ ڏيءَ ۾ ميٽ سڏبو آهي. ان ۾ تيل سرهاڻ وجهي وارن ۾ ڏن ڌوئڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن. سعدي گلستان ۾ نهايت چيدن لفظن ۾ ميٽ جو ذڪر ڪيو آهي.

مائيءَ جو هت مطلب آهي ته جتي رانجهو وهنتو آهي اتان ميٽ کڻي مان پنهنجن مشڪين وارن کي لائينديس. اها رانجهي جي عزت افزائي آهي.

(٣١) لني جي پرسان ڏٺل قبن مان لڳ اچا مضبوط عمارتن جا نشان آهن.

(٣٢) اهي ڪوه اچا آهن. عام ماڻهن جو خيال آهي ته ڪوه پهاڙ ۾ ديون جي هٿان کوٽايا ويا هئا.

(٣٣) مان پانيان ڏو مل محمود جي قبر، حيدرآباد جي قلعي ويجهو، شاه مڪي جي ٽنڊي يا ڳوٺ ۾ آهي.

(٤٨) جا عام طرح، پر غلطيءَ سان سنڌي سڏبي آهي.
اهڙي ڪا ب الف - بي نہ آهي، جا خاص سنڌي هجي ۽ ساريءَ
سنڌ ۾ ڪم ايندي هجي.

(٤٩) ڪيترن حروف صحيح خواه علت ۾ ڦيرڦار ڪرڻي
پوندي، چاڪاڻ تہ اهڙا نشان ڪونہ آهن جي صحيح ۽
غير صحيح تلفظ جو تفاوت ڏيکارين.

(٥٠) نسخ خط لاءِ ماڻهن کي عزت هن ڪري آهي،
جو اهو اسلام جي سرچشمي يعني مڪّي مان شروع ٿيو آهي.
مثلاً، شهرن کان پري جهنگ ۾ رهندڙ افغان، نسخي اکرن کي
جهڪي سلام ڪري دعا گهرندا، بلڪ پرستش ڪندا آهن.

(٥١) سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ زبان. ان جي الف - بي
گهٽ ڏکي آهي، چاڪاڻ تہ ان ۾ پنج خاص سنڌي اکر
ڪونہ آهن. چون ٿا تہ هندستاني ٻوليءَ جو پنجابيءَ وانگر
لکڻ جو هاٽوڪو رواج ويهہ - ٽيهہ ورهيہ اڳ شروع ٿيو
هو. ان کان اڳ نقط پڙهيل ۽ علم وارا ماڻهو اهي اکر ڪم
آڻيندا هئا. عام ماڻهو مغز مان نڪتل اکرن کي نشان ڪونہ
ڏيندا هئا ۽ هاڻي جيڪي سڌارا ڪيا ويا آهن، تن جي خبر
ڪانہ هوندي هئن.

# باب ستون

(۱) ٻئي الذت النساء جي خلاف.

(۲) مسلمانن کي ترغيب ڏني ويندي آهي ته هو هر اهم ڳالهه ۾، رسول ڪريم جي پيروي ڪن. جيتوڻيڪ سنت جي پيروي ڪرڻ ناممڪن نه آهي، تنهن هوندي به جاهل ماڻهن طرفان عام پيروي ڪئي ويندي آهي.

(۳) يورپي پڙهندڙن کي ائين نه سمجهڻ گهرجي ته ڪو سيد کي گستاخي يا مذهب جي توهين ڪرڻ جو ارادو هو.

(۴) ڪتاب جو لکندڙ چوي ٿو ته مڙس زال کي جيڪو حڪم ڪري ان جي هُن کي پوريءَ طرح فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي.

(۵) مهذب يورپ لاءِ ٿوري نه موزون نصيحت آهي.

(۶) ڪنهن جي وڏ ڪيڻ، عيب سمجهيو ويندو آهي.

(۷) حاجب، فراش يا جلاد.

(۸) سنڌ ۾ هر طبقي جا ماڻهو ميرن کان وٺي رعيت تائين، پنهنجي جذبات جو اظهار وڏي آواز سان ڪندا هئا. جڏهين مير ڪا مخفي مجلس ڪندا هئا ۽ جاءِ جو دروازو بند ڪرائي، پنهنجن خانگي نوڪرن کي ڪڍي ڇڏيندا هئا، ته انهن جي بحث مباحثي جو آواز ويهن گزن جي مفاصلي تي ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

(۹) جهنگ جا ماڻهو يا وحشي.

(۱۰) يعني حاڪم.

(۱۱) "وڏو محل"، برعڪس "ديرهءِ خورد" جي.

(۱۲) هو هن معاملي ۾ افغان، ايراني ۽ وچ ايشيا جي ٻين قومن سان مشابهت رکن ٿا، جن جي ملڪ ۾ انگور جام

ڪان چوري نہ ڪندا. ساڳئي وقت چور جو لفظ هنن جي نظر ۾ نهايت ٻرو هوندو آهي. ٻر غير مهذب قومن ۾ ائين نہ هوندو آهي. ڪيترا قومي سردار، چورين ڪرائيندا هئا ۽ چورن سان حصو ڳنڍيندا هئا. ڪيترا پنهنجي انهيءَ عادت تي فخر ڪندا هئا. هو سمجهندا هئا تہ ڏيهي حڪومت جا ساڻن دست‌اندازي نٿي ڪري، تنهنڪري هو قاعدن قانونن جي پابنديءَ ڪان مٿي آهن. ڦورو سردارن کي مير ٻگهارون ڏيندا هئا، ٻر ان هوندي بہ هو مسافرن ڪان ٻنگ ولندا هئا، ۽ وقتي ڦريندا بہ هئن. برهمڻن جا ماڻهو لُل لاهيندا هئا، جنهن ۾ ويهن ڪان پنجاهہ تائين ماڻهو ويهي سگهندا هئا، يا هو ڪنهن ميدان ۾ ڪنگرن ۽ مورچن سان مٽيءَ جا ڪوٽ لاهيندا هئا، جتي حملي وقت پنهنجو مال حفاظت لاءِ ٻيهاريندا هئا. ڪشمور جي طرف اتر - اولهہ جي سرحد تي ڪيترا منڍا ٽنڊا ڪڙمي نظر ايندا. اسان سنڌ فتح ڪئي، تنهن ڪان اڳ جابلو ڦورو انهيءَ ايراضي ۾ گهڻا حملا ڪندا هئا.

(٣٦) برعڪس نقشبندين جي "وحدت الشهود" ۾ اعتبار ڪندا آهن ۽ خالق ۽ مخلوق ڪي مڃائي ڪان انهن جو فرق ظاهر ڪري ڏيکارڻ، وڏيڪ اهم سمجهندا آهن.

(٣٧) خليفا ٻن قسمن جا آهن:
پهريون جَدّي، يعني موروثي يا ڪو عزيز.
ٻيو خلفائي، جو ٻر پاڻ چونڊي يا پسند ڪري.

(٣٨) فيروز صوفي پنهنجي ڪتاب ۾ صوفين جي درجي يا مرتبي جي فهرست هن طرح ڏي ٿو:
١. مقلد يا طالب، يعني شاگرد.
٢. ڪامل، يعني استاد.
٣. مڪمل، وڌيڪ ڪامل، جنهن گهڻن استادن کي پڙهايو هجي.
٤. اڪمل، سڀ کان زياده مڪمل. تنهن کان سواءِ
٣٥٦ اولياءِ دين آهن جي گهڻو ڪري صوفي آهن، جيئن ته:
٣٠٠. ابدال، جن جو درجو ولين ۾ گهٽ ۾ گهٽ آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ٤٠ | ابدال | جدا جدا مرتبي وارا. |
| ٥ | اوتاد | |
| ٣ | قطب الاوتاد | هنن مان هوين جو درجو |
| ١ | قطب الاقطاب | سڀ کان اعلي آهي. |

(٣٩) يعني فعل نفي وارا، جن جا فعل پنهنجي وس ۾ آهن.

(٤٠) جي مرشد وفات ڪري وڃي ته، ڪيترا طريقا مريد کي ٻيو مرشد وٺڻ ڏيندا آهن، جيئن رسالت ۾ وراثت نه ڏيندي آهي.

(٤١) خاص ڪري جذب جي اثر هيٺ، حواسن جو تيز ٿيڻ.

(٣٤) جيئن نوشڪيءَ جي هڪ سردار ڪئپٽن ڪرسٽيءَ (Captain Christie) کي ڇيو هو ته ڳري ۾ ڳري سزا اسان انهن کي اها ٿا ڏيئي سگهون ته ڪين ڪلهي ڇڏجي.

(٣٥) سنڌ ۾ سڀ شهري، مسلماني مذهب جا آهن.

(٣٦) مون کونه ٻڌو آهي ته انهن وٽ ڪي ڪتاب آهن.

(٣٧) انهن کي صرف و نحو جي قاعدن جي ڪا خبر ئي نه آهي.

# باب ڏھون

(١) ڏسو باب ٽيون، جتي ٻانهي ڪي ٻڙ جو نالو ڏنو ويو آهي.

(٢) سنڌ ۾ عقيقه ۾، قرباني ۽ ٻار جي جهنڊ لهرائڻ جون رسمون ۽ اچي ٽيون وڃن. هندستان، خاص ڪري دکن ۾ ائين ئي آهي. ڏسو هرڪلاٽس جو ڪتاب "قانونِ اسلام"، باب ٽيون، ڀاڱو ٻيو.

(٣) وڏن جي طهر مان خراب نتيجا ڪونه نڪرندا آهن. آفريڪا جي غلامن جي حالت ۾ طهر آزمايو ويو آهي، ۽ علاج اڪل چڱو، هفتا هلندو آهي.

(٤) ٻين ملڪن وانگر اسلامي ملڪن ۾ به مائٽون رسم، يعني ٻراڻن رواجن جي نهايت عزت ڪندا آهن. بشرطيڪ اهي قرآن جي احڪامن جي خلاف نه هجن.

(٧) ويڙهه هڪ قسم جي منڊي آهي، جنهن ۾ سوني يا روپي تار ٻه-ٽي دفعا ويڙهيل هوندي آهي. ڪيرول سون يا چانديءَ جي پٽ مان ٺهيل هوندو آهي. هر واري منڊيءَ وانگر آهي ان ۾ ٽڪ يا ٻڙو پيل ڪونه هوندو آهي.

(٨) سنڌ ۾ سونهن جي نشاني آهن.

(٩) هن وقت، سنڌ ۾ وارن جا ٻاوڙ ۽ ٻاڪي ورلي ڪم آڻيندا آهن. عام رواج، وارن پٽڻ جو آهي. ٻهرحال ان ۾ ڏاڍو سور ٿيندو آهي، ۽ ٻوءِ جلد ئي چمڙي نستي ٿي ويندي آهي.

(١١) رواجي موقعن تي ڪجل ڪان وڏيڪ سرمو ڪم آڻيندا آهن.

(٣١) جنهن جو مذهبي سبب هجي آهي ته آخرت ۾ ٻئي ماڻهوءَ جي لاءِ دعا گهرندا.

اراڪ (ڪِڙ) جي وڻ کي مسلمان برڪت وارو ڪري ليکيندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهو اصل مغربي عربستان جو آهي. اهو ڏندڻ ڏيڻ لاءِ سٺو سمجهيو ويندو هو.

(٣٢) فوتيءَ کي جيڪو وعدو ڪندا آهن، تنهن کي ”امانت ڪرڻ“ چوندا آهن.

## باب يارهون

(١) يعني اهي، جهڙي هنن ۾ رهن ٿا. سنڌين جي خانہ بدوش ۽ ڪوهستاني قومن، جهڙوڪ جوکيا، جي ڪراچيءَ جي پرسان رهن ٿا ۽ بلوچن جي وچ ۾ ٿورو ڪو تفاوت آهي.

(٢) جهڙي گهٽ-ذات، تيئن رنگ زياده ڪارو. مٿئين طبقي جا ماڻهو خاص ڪري زالون، گوري رنگ جون آهن. ڪن جو تہ رنگ هسپاني، يا يورپوگيزن جي زالن جهڙو هوندو آهي.

(٣) يعني عربستان وانگر سارو، ۽ نہ هندستان، ايران ۽ عربستان وانگر اڌ ڪوڙيل. پر ڪي سنڌي ۽ گهڻا بلوچ مٿي تي وار ڇڏيندا آهن.

(٤) خاص ڪري ڪراڙا آدمي ۽ ڪسبياڻيون.

(٥) پڳل دال ۽ اَنُ.

(٦) فارسيءَ ۾ چون چشم ِ مرواريد.

(٧) فطر ۽ بقرہ "هرڪلانس" صفحو ٢٦٨. عيدگاھ اها جاءِ آهي، جتي عيد جي نماز پڙهبي آهي.

(٨) تمام سخت ورزش آهي ۽ ٻانهن، ڇاتيءَ ۽ ٽنگ جي هڏن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ چڱي آهي. ورزش ڪرڻ وارو پيٽ تي سڌي ٻانهن کي هٿن پيرن تي سڌي ڪري، وري هيٺ ڇڏيندو آهي. هي جيترا دفعا ٿي سگهي، اوترا دفعا مشق ڪجي.

(٩) سانوڻ جي مهيني ۾ ڪنهن ڏڻ وار تي جوئا ڪرڻ پسند ڪندا آهن. پر هندو فقط اهو ٿورو عرصو جوئا کونہ ڪند آهن.

(٢٦) اهڙي طرح افغانستان ۽ مُصلبي (چُهڙا) پنهنجي قوم کي "شاهه خيل" سڏيندا آهن.

(٢٧) سنڌ جي ڪيترن پاڳن ۽ مسلمان چُهڙا آهن. هو پالي شاهي نه آهن.

(٢٨) ڍڳر لفظ نڪتل آهي "دهه" (ڏهه) ۽ "قير" مان. اهڙيءَ طرح افغان "پنجابي" لفظ مان ۽ ۽ معنائون ڪنديندا آهن.

(١١) اٺين، ڳيهه ۽ ڪڇيءَ ڪنڌ جو ٿلهو، پنجن ڪان پنجويهن سيرن تائين.

(١٢) جسراج جو ڏينهن. انهيءَ لفظ جون گهڻيون ئي معنائون ڪندا آهن. جسراج، هڪ مشهور هندو ڌرماتما جو نالو آهي.

(١٣) ڀاڳيءَ جي دلي جو ڏينهن.

(١٤) خوشيءَ جو ڏينهن. "مهورت" جي صحيح معنيٰ آهي شاديءَ جو جلوس، پر شاديءَ جي ڏينهن کي به مهورت چوندا آهن.

(١٥) ماڻهن ۾ وهم ويٺل آهي ته اهڙن موقعن تي گهوڙي تي چڙهڻ نه کپي.

(١٦) گهوٽ مان جيڪي ماڻهو ساڻ هوندا آهن، تن کي "جاڃي" چوندا آهن، ۽ جيڪي ڪنوار مان هوند آهنا تن کي "ماڃي".

(١٧) ويڌي سنسڪرت ۾ پڙهبي آهي.

(١٨) گهڻو ڪري سؤ روپي جي رقم ڏني ويندي آهي.

(١٩) هڪ کان ٻه سؤ رپين تائين جيڪڏهن خرچي ٿوري هوندي آهي، ته گهوٽ پيءُ اعتراض واريندو آهي، ۽ پوءِ برهمڻ رقم جو فيصلو ڪندا آهن.

(٢٠) پيڪو (يعني پيءُ جو) يا پيڪاڻو گهر. ڪنوار جي پيءُ جي گهر کي چوندا آهن. ان جي ابرعڪس ساهرو گهر، يعني سندس سهري جو گهر آهي.

(٢١) تعجب جي ڳالهه آهي ته سنڌ جا هندو، هندستان جي برهمڻن وانگر اُتارائن (يعني سج جو اُتر لڙڻ) جي ڏينهن مرڻ ۽ دکشنائڻ جي ڏينهن مرڻ جي وچ ۾ ڪوبه تفاوت ڪونه ڪندا آهن.

# فهرست


## باب پهريون

سنڌ جو ٻاهريون روپ- ان جي فوجي ۽ تجارتي اهميت ملڪ جي صورت ۽ تاريخ جو خاڪو.

## باب ٻيون

سنڌو لديءَ جو قديم پٽ- ڏيهي حاڪمن جي حڪومت ۽ واهن رستي آبادي- ميرن جي صاحبيءَ ۾ ڍلن جو سرشتو.

## باب ٽيون

سنڌي قصن جي فهرست— صوبي جون زبانون- هر هڪ زبان جو مختصر احوال.

## باب چوٿون

سنڌ جي ٽن، مڙني کان زياده مشهور مصنفن جي حياتي هنجو جا مثال- سامونيءَ جون پيشنگوئيون- سسئي ۽ پنهون، ۽ مارئيءَ ۽ عمر سومري جي ڪهاڻين مان انتخاب.

## باب پنجون

ساڳيو مضمون: راڻو ۽ مومل، سهڻي ۽ ميهار، دودو ۽ چنيسر، هير ۽ رانجهو، دولهه دريا خان ۽ مل محمود جا قصا.

## باب ڇهون

ڏيهي حاڪمن جي ڏينهن ۽ اسان جي حڪومت ۾ درسگاهن ۽ مڪتبن ۾ اسلامي تعليم- طب ۽ جراحت وغيره جو اڀياس- هندن جي تعليم- ماڻهن کي ڪيئن تعليم ڏجي نسخي الف- بي جي فائدي ۾.

## باب ستون

سنڌ جي هن وقت ٻنگتي حالت۔ شاديءَ متعلق هڪ ڏيهي ڪتاب مان ڪي ٽڪرا۔ ملاقات جو دستور۔ نشي جو رواج ۽ نشيدار شين جا قسم، جي استعمال ڪيا وڃن ٿا۔ قومي مذهب جي خصوصيت۔ روحاني علم، شيطاني علم، جادو ۽ ڪيميا، هڏن جي رستي جادو، قسمت جو ڪتاب۔ خوابن جو تعبير۔ هٿ ڏسڻ جو علم۔ سوڻ ساڻ۔ ڏوهه ۽ سزائون.

## باب اٺون

سنڌ ۾ تصوف۔ صوفي شاعر۔ تصوف جا ٻه مکيه طريقا، يعني جلالي ۽ جمالي۔ جلالين جو بيان۔ لال شهباز جو احوال جمالي صوفي ۽ سنڌن تقليد، عقيدا ۽ عمل۔ سنڌ جا مشهور اولياءَ.

## باب ڏا ن

احوال، سنڌ ۾ رهندڙ ڌارين قومن جو۔ سيد ۽ ٻيا اهل مذهب خاندان۔ افغان يا پٺاڻ۔ بلوچ۔ جت۔ ميمڻ۔ خواجه۔ مهاڻا يا ماڇي۔ حبشي غلام ۽ انهن جي ٻوليءَ جو نمونو.

## باب ڏهون

سنڌين ۾ ٻارن جي ڄم جون رسمون۔ عقيقو، يعني چوڪر جي جهنڊ لهرائڻ۔ طهر۔ مڱڻو ۽ شاديءَ کان اڳ جون ٻيون رسمون۔ شاديءَ جا ساٺ سڳڻ۔ موت ۽ دفن ڪرڻ، قبرون ۽ مقام.

## باب يارهون

اصل سنڌين جو بيان۔ انهن جون رسمون، پوشاڪ، شغل، ڪسرتون ۽ رانديون رونديون۔ زالن جا رواج، اخلاق، عادتون، مکر ۽ پوشاڪ وغيره۔ گويا سنڌ جون اڇوت قومون.

## باب ٻارهون

سنڌ جا هندو ۽ سندن ذاتيون؛ برهمڻ، کتري، ويشن جا پنج فرقا ۽ سودر۔ سک، ڌرمي ٻينو ۽ اڇوت قومون— هندو ڌرم جي هاڻوڪي حالت۔ سلوڪن ۽ شبدن جا نمونا.

## باب تيرهون

عامل طبقو۔ ان جو اصل نسل، نوڪري ۽ اڳيءَ جي شهرت۔ رواج، جيئن تہ جڻيو پائڻ، شاديءَ ۽ غميءَ جون رسمون ۽ ڪريا ڪرم جو بيان.

اهڙي تربت، پيون ۽ ڪيترين ئي خطرناڪ مسافرين ڪيائين. ڪجهه وقت، شام ۾ ٻين ملڪن ۾ انگريزن جو سفير ٿي رهيو.

آخر، ٢٠- آڪٽوبر ١٨٩٠ع تي، هن بي آرام شخص، ٽريسٽ ۾، هن دنيا کي الوداع چئي. سندس وصيت موجب هن کي تنبوءَ جي شڪل وانگر سنگ مرمر جي مقبري ۾ مارٽليڪ، سري (انگلنڊ) جي هڪ گمنام قبرستان دفن ڪيو ويو.

برٽن جي مرڻ کان پوءِ سندس گهر واريءَ آئسابيلا سترهن ڏينهن ٻاڻ کي فوتي جي ڪمري ۾ بند ڪري، مڙس جا اڪثر ڪاغذ ۽ نوٽ ساڙي دنيا کي عظيم نقصان پهچايو، جنهن جي تلافي ڪنهن به صورت ۾ ٿي نٿي سگهي. ممڪن آهي ته ان سڙي ويل مواد ۾ سنڌ تي به ڪافي معلومات هجي!*

---

*هن مضمون تيار ڪرڻ ۾، هيٺين ڪتابن تان احوال ورتو ويو آهي: (١) برٽن جا سنڌ متعلق چار ڪتاب.

(2) Burton: by Byron Farewell, 1963.

(3) The Life of Captain Sir Richard F. Burton; by Isabel Burton.



## سر رچرڊ فرانسز برٽن

جم: 19 - مارچ 1821ع

وفات: 20 - آڪٽوبر 1890ع

هڪ برجستو سپاهي، نامور شمشير باز، قابل مترجم ۽ شاعر، لسانيات جو عالم، دنيا جي عجائبات جي جستجو ڪندڙ، چڱو طبيب، ٻوٽن ۽ وڻن جو ماهر، حيوانن جي حياتيءَ جي علم جو مڃيل استاد، آثار قديم ۽ علم الارض جو ماهر ۽ ڪامياب جاسوس هو.

ڪيس پنجويهه زبانون ۽ ايڏيون هيون، ۽ انهن مان هر هڪ جي مختلف لهجن کان ٻه چڱيءَ طرح واقف هو. هن پنهنجي سير ۽ سفر تي ٽيتاليهه ڪتاب لکيا. انهيءَ کان علاوه ٻه جلد شعر جا لکيائين؛ سؤ کان مٿيرو متفرقه مضمون لکيائين ۽ هڪ سؤ ٽيتاليهه صفحا پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جا ٻه لکيائين. الف ليليٰ جا چوڏهن جلد ۽ پورچوگيز ادب جا ڇهه جلد انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. لاطيني شعر جا ٻه جلد لکيائين ۽ چار جلد لوڪ ادب جا ٻه لکيائين. سنڌ تي چار ڪتاب لکيائين:

(1) Scind, or, the unhappy valley,

(1) سنڌ؛ يا، ڏکويل ماٿري.

(2) Sindh, and the races that inhabit in the valley of the Indus.

(2) سنڌ، ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون.

(3) Falconry in the valley of the Indus.

(3) سنڌو ماٿريءَ ۾ شڪري بازي.

(4) Sindh, revisted.

(4) ٻيو دفعو سنڌ ۾.